# ضلعي تعليمي رٿا

# بدين

# (2005-2009)



ضلعي حڪومت بدين

فني سهڪار:

ماحول جي تحفظ جو عالمي ادارو (آءِ يو سي اين) پاڪستان





## ضلعي تعليمي رٿا

# بدين

# (2005-2009)

ضلعي حڪومت بدين

فني سهڪار:
ماحول جي تحفظ جو عالمي ادارو (آءِ يو سي اين) پاڪستان

IUCN
The World Conservation Union



هن ڪتابڙي ۾ ڏنل مواد ۽ جاگرافيائي انگ اکر ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن ملڪ، علائقي، ايراضي يا ان جي اختيارين يا سرحدن جي حد بندين جي باري ۾ نه ته قانوني حيثيت رکن ٿا ۽ نه ئي آءِ يو سي اين جي ڪنهن به قسم جي راءِ ظاهر ڪن ٿا.

هن ڪتابڙي ۾ ڏنل راين سان آءِ يو سي اين جو متفق هجڻ ضروري نه آهي.

ڪاپي رائيٽ: 2005 ماحول جي تحفظ جو عالمي ادارو- آءِ يو سي اين، پاڪستان ۽ ضلعي حڪومت بدين، سنڌ، پاڪستان.

ضلعي تعليمي رٿا بدين (2005-2009) ضلعي حڪومت بدين ماحول جي تحفظ جي عالمي اداري - آءِ يو سي اين جي تعاون سان تيار ڪئي جنهن لاءِ رائل نيڌرلئنڊ سفارتخاني (RNE) اسلام آباد پڻ مدد ڪئي.

هن ڪتابڙي ۾ شامل مواد يا ان جو ترجمون تعليمي ۽ غير تجارتي مقصدن لاءِ آءِ يو سي اين کان اڳواٽ اجازت وٺڻ کانسواءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو ، بشرطيڪ ان جو حوالو ڏيڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

آءِ يو سي اين کان اڳواٽ اجازت وٺڻ کانسواءِ هن ڪتابڙي جي ڪاپي/ نقل تيار ڪرڻ يا وڪڻڻ ممنوع آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل مواد ۽ رايا، رائل نيڌرلئنڊ جي سفارتخاني اسلام آباد جي راءِ يا حمايت ظاهر نٿا ڪن.

حوالو: آءِ يو سي اين- پاڪستان ۽ ضلعي حڪومت بدين : ”بدين ضلعي لاءِ ضلعي تعليمي رٿا“ (2005-2009)
آءِ يو سي اين- پاڪستان، ڪراچي 56+VI صفحا.

ISBN نمبر: 969-814-83-9
رسورس پرسنز : ارشاد احمد، زهره رحمت علي
ايڊيٽر: امبرينه احمد، سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن، ڪراچي
نظرثاني: مهناز محمود، ٽيچرز رسورس سينٽر
استيلا جعفري، آءِ يو سي اين، ايشيا ريجن.
سنڌيڪار: پروفيسر قلندر شاهه لڪياري
ايڊيٽنگ: علي مرتضيٰ ڌاريجو، ناصر علي پنهور
لي آئوٽ:: محبوب علي زرگر
ڊزائن: اظهر سعيد، آءِ يو سي اين پاڪستان
طابع: ٽائيمز پريس
ملڻ جو هنڌ: ضلعي حڪومت بدين
www.badin.gov.pk
ماحول جي تحفظ جو عالمي ادارو- آءِ يو سي اين،پاڪستان
سنڌ پروگرام آفيس ۽ تعليمي پروگرام
1 _ باٿ آئيلئنڊ ،ڪراچي. 75530، پاڪستان
ٽيليفون : 021-5861540
فئڪس : 021-5861448

7.5 حڪمت عملي 5: ثانوي تعليم 26

7.6 حڪمت عملي 6: ڊگري سطح جي تعليم 28

7.7 حڪمت عملي 7: هنري ۽ ٽيڪنيڪي تعليم 29

7.8 حڪمت عملي 8: اسڪولن ۾ راڄوڻي شموليت 30

7.9 حڪمت عملي 9: خواندگي جو پروگرام ترتيب ڏيڻ 33

7.10 حڪمت عملي 10: لاڳت ۽ فائدن جي تناسب جو تجزيو 34

7.11 حڪمت عملي 11: ٽيڪنالاجي 37

8 دعوت عمل 39

8.1.1 سڀ کان هيٺين سطح تي قدم 40

8.1.2 عملي جي صلاحيتن کي وڌائڻ جو پروگرام 40

8.1.3 راڄوڻي شرڪت 40

8.1.4 سجاڳي وڌائڻ ۽ سبق پڪيڄڻ 41

8.1.5 ڪاليج، هنري ۽ ٽيڪنيڪي ادارا 41

9. تعليم بهتر بنائڻ لاءِ ضلعي حڪومت طرفان کنيل قدم 42

10. ضلعي جون نمايان خصوصيتون 42

11. تصديق ۽ يقين دهاني 43

12. معلومات جا ذريعا 43

ضميما 45

# فهرست


| | |
|---|---|
| شڪريہ ادائي | iv |
| مخفف | v |
| اختصار | vi |
| 1. ضلعي جو تعارف | 1 |
| 1.1 عمومي تفصيل | 1 |
| 1.2 آبادي ۽ افرادي قوت | 1 |
| 1.3 رهائشي سهولتون | 2 |
| 1.4 صحت ۽ آباديءَ جي ڀلائي | 2 |
| 1.5 آبپاشي ۽ نيڪال | 2 |
| 1.6 زراعت | 2 |
| 1.7 ٻيلا ۽ چوپايو مال | 2 |
| 1.8 صنعت | 2 |
| 2. تعارف | 3 |
| 2.1 تعليمي رٿا ڇا آهي؟ | 3 |
| 2.2 ضلعي تعليمي رٿا ۾ ڇا ڇا شامل آهي؟ | 3 |
| 3. تياريءَ جو عمل | 5 |
| 3.1 تياري جو خاڪو | 5 |
| 4. صورتحال جو تجزيو | 7 |
| 4.1 قومي سطح تي | 7 |
| 4.2 صوبائي سطح تي | 8 |
| 4.3 ضلعي سطح تي | 9 |
| 4.3.1 عمومي تجزيو | 9 |
| 4.3.2 پاليسي پس منظر ۽ عمل درآمد | 11 |
| 4.3.3 ضلعي جو پاليسي پس منظر | 12 |
| 5. بدين ضلعي پاليسي جو پس منظر | 13 |
| 6. خال ۽ سفارشون | 15 |
| 7. حڪمت عملي: عملي قدم | 17 |
| 7.1 حڪمت عملي 1: ضلعي تعليمي بورڊ جو قيام | 17 |
| 7.2 حڪمت عملي 2: عملي جي فعاليت | 18 |
| 7.3 حڪمت عملي 3: اوائلي ٻاروتڻ جي تعليم | 20 |
| 7.4 حڪمت عملي 4: اوائلي ۽ بالا اوائلي تعليم جو سڌارو | 22 |

# Abbreviations

# مخفف

| | | |
|---|---|---|
| CBA | Cost Benefit Analysis | ڪاسٽ بينيفٽ اينالائيسس |
| CBAC | Cost Benefit Analysis Committee | ڪاسٽ بينيفٽ اينالائيسس ڪميٽي |
| CDP | College Development Plan | ڪاليج ڊولپمينٽ پلان |
| CSDP | Comprehensive Staff Development Plan | ڪامپريهينسو اسٽاف ڊولپمينٽ پلان |
| DE | Department of Education, Badin | ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن بدين |
| DEB | District Education Board | ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن بورڊ |
| DEP | District Education Plan | ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پلان |
| DF | District Fund | ڊسٽرڪٽ فنڊ |
| DCO | District Coordination Officer | ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر |
| DFRC | District Fund Raising Committee | ڊسٽرڪٽ فنڊ ريزنگ ڪاميٽي |
| DG | District Government | ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ |
| DO | District Officer | ڊسٽرڪٽ آفيسر |
| DQIC | District Quality & Quantity Improvement Council | ڊسٽرڪٽ ڪوائلٽي اينڊ ڪوانٽٽي امپرومينٽ ڪائونسل |
| EDO | Executive District Officer | ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر |
| EFA | Education for All | ايجوڪيشن فار آل |
| GSTA | Government Schools Teachers Association | گورنمينٽ اسڪولس ٽيچرس ايسوسيئيشن |
| HT | Head Teacher | هيڊ ٽيچر |
| IED | Institute for Educational Development | انسٽيٽوٽ فار ايجوڪيشن ڊولپمينٽ |
| IUCNP | The World Conservation Union, Pakistan | دِي ورلڊ ڪنزرويشن يونين پاڪستان |
| IT | Information Technology | انفرميشن ٽيڪنالاجي |
| LGO | Local Government Ordinance | لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس |
| LHV | Lady Health Visitor | ليڊي هيلٿ وزيٽر |
| MCH Centre | Mother Child Healthcare Centre | مدر چائلڊ هيلٿ ڪيئر سينٽر |
| MDGs | Millennium Development Goals | ملينيم ڊولپمينٽ گولس |
| MMO | Male Medical Officer | ميل ميڊيڪل آفيسر |
| NCHD | National Commission for Human Development | نيشنل ڪميشن فارهيومن ڊولپمينٽ |
| NEP | National Education Policy | نيشنل ايجوڪيشن پاليسي |
| NGO | Non Government Organization | نان گورنمينٽ آرگنائيزيشن |
| PTA | Parents Teacher Association | پيئرينٽس ٽيچر ايسوسيئيشن |
| QIC | Quality & Quantity Improvement Committee | ڪوائلٽي اينڊ ڪوانٽٽي امپرومينٽ ڪميٽي |
| SAP | Social Action Program | سوشل ايڪشن پروگرام |
| SDC | Staff Development Council | اسٽاف ڊولپمينٽ ڪائونسل |
| SDP | School Development Program | اسڪول ڊولپمينٽ پروگرام |
| SMC | School Management Committee | اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽي |
| SDSSP | Sindh Devolved Social Services Programe | سنڌ ڊوالوڊ سوشل سروسز پروگرام |
| SEMIS | Sindh Education Management Information System | سنڌ ايجوڪيشن مئنيجمينٽ انفرميشن سسٽم |
| TA | Technical Assistance | ٽيڪنيڪل اسسٽنس |
| TAC | Technology Advisory Committee | ٽيڪنالاجي ائڊوائزري ڪميٽي |
| TRG | Training Resource Group | ٽريننگ رسورس گروپ |
| UC | Union Council | يونين ڪائونسل |

# شڪريه ادائي



تعليمي ترقي جي بنا ملڪ ۾ معاشري جي ترقي جو تصور به ممڪن نه آهي. هڪ پوئتي پيل معاشري ۾ ماحول ۾ بهترين تعليمي ترقي جي شروعات ڪنهن ڀرپور رٿا بندي ۾ روايتي پيش بندين جي تبديلي ڪانسواءِ هرگز ممڪن نه آهي, يعني تبديلي زندگي جي هڪ وڏي حقيقت آهي, تبديلي سٺي هجي يا خراب اها ڪنهن به انسان يا اداري جي حالتن جو مقابلو ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي ۽ صرف موثر رٿابندي ئي آيل تبديلين کي منهن ڏيڻ جو موثر طريقو آهي. انهي اصولن ۾ توقعات تي ٻڌل بدين ۾ هڪ ترقي يافته معاشري جي قيام جون ڪوششون جاري آهن, هڪ اهڙو معاشرو جيڪو ترقي يافته هئڻ سان گڏوگڏ پائيدار ترقي جي اصولن تي سڏو هجي.

اها هڪ حقيقت آهي ته ضلع بدين ۾ تعليم جي شعبي کي سڀ ڪان گهٽو نظرانداز ڪيو ويو آهي, اُن لاءِ موجوده دور ۾ اسان جي ڪوشش آهي ته بدين ضلعي جي تعليمي شعبي کي موثر ۽ حقيقت پسندانه رٿابندي جي ذريعي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجي بهترين ڪوشش ۽ وسيلن کي استعمال ۾ آندو وڃي. .

هن حوالي سان گذريل ضلعي حڪومت هيٺ هڪ ضلعي تعليمي رٿا بندي (ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پلان) تيار ڪيو ويو آهي, جنهن ۾ جديد تعليمي نظريات ۽ طريقن کي مقامي تعليمي طريقن رٿا صلاحيتن کي هڪجهڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان لاءِ هڪ ضلعي تعليمي بورڊ جوڙيو ويو هن بورڊ ۾ ضلعي رابطا آفيسر (ڊي سي او), ايگزيڪيوٽو ضلعي آفيسر ۽ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل مقامي تنظيمن / سول سوسائٽي ۽ مختلف ماڻهن جي علاوه صحافين, مائٽن ۽ مقامي آبادي جي چونڊيل ماڻهن کي شامل ڪيو ويو. انهن سمورن رٿا جي تياري ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. جناب ممتاز علي شاهه (اڳوڻو ڊي سي او بدين), هن تعليمي رٿا جي تياري, تڪميل ۽ ان سان واڳيل گهربل عملي قدمن جي حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

جڏهن ته جوڙيل بورڊ ۾ آيو سي اين پاڪستان جو ڪردار به قابل ذڪر آهي, جنهن خاطر خواهه سهڪار ڪيو. اوهان جي هٿن ۾ جيڪا تعليمي رٿا آهي ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙن تي اها ذميواري اچي ٿي ته ضلعي ترقي جي پيش نظر هن رٿابندي تي ضرورت مطابق هر سال نظرثاني ڪئي ويندي. مون کي اهو چوندي خوشي ٿي رهي آهي ته اسان جي ضلعي کي گهٽ وسيلن جي باوجود هن رٿا جي ڪن حصن تي عمل شروع ڪيو ويو آهي ۽ ضلعي حڪومت تعليم جي پيڪيج ۾ رٿابندي تي مڪمل عملدرآمد ٿيڻ تائين سمورن وسيلن کي استعمال ڪندي. آئون هن تعليمي رٿابندي تي مفيد ۽ بااثر عمل جي سلسلي ۾ تعليم ڪاتي, ضلعي تعليمي بورڊ ۽ ٻين سمورن جاٽايل طبقن ۽ شخصيتن جو مسلسل سهڪار جو طلبگار هوندس.

علي انور هاليپوٽو
ضلع ناظم, بدين



# 1. ضلعي جو تعارف



تيل ۽ گئس جي دولت سان مالا مال بدين ضلعو ملڪي آمدني جو هڪ وڏو حصو پيدا ڪري ٿو. نہ رڳو ايترو پر سورج مکيءَ ۽ ڪمند جي بيمثال پيداوار سبب ڪنڊ ۽ ڪاڄرو تيل جي صورت ۾ ملڪي آبادي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ خاطر خواهہ ڀاڱي ڀائيوار بہ رهندو آيو آهي. اهڙن قيمتي قدرتي وسيلن توڙي زرعي پيداوار ڊيڄ باوجود بدين جو شمار ملڪ جي غريب ترين ضلعن ۾ ٿئي ٿو. بدقسمتيءَ سان هيءُ ضلعو لڳاتار طوفانن ۽ ٻين قدرتي آفتن جو بہ شڪار ٿيندو رهيو آهي. هن وقت بدين ضلعي کي پاڪستان حڪومت جي نئين ترقياتي رٿا (ملينيم ڊولپمينٽ گولس) جي حصول لاءِ اوليت واري حيثيت حاصل آهي.

## 1.1 عمومي تفصيل

بدين ضلعو هيٺين پنجن تعلقن تي مشتمل آهي: (1) بدين (2) ماتلي(3) شهيد فاضل راهو (گولاڙچي) (4) تلهار ۽ (5) ٽنڊو باگو. انتظامي لحاظ کان هن ضلعي ۾ 14 سرڪل، 111 تپا، 535 ديهون ۽ 49 يونين ڪائونسلون آهن. ضلعي جي ايراضي 6,726 چورس ڪلو ميٽر ۽ آبهوا معتدل آهي. جيتوڻيڪ ساليانو وسڪارو سراسري طور 258.83 ملي لٽر آهي پر تنهن هوندي بہ اهو منداڻتوءِ لاڳيتو وسندڙ نہ آهي.

## 1.2 آبادي ۽ افرادي قوت

1998ع جي آدمشماري جي رپورٽ موجب بدين ضلعي جي آبادي 1,138,604 هئي جنهن جو 16 سيڪڙو شهري ۽ 84 سيڪڙو ٻهراڙي آبادي تي مشتمل هئو ۽ هڪ چورس ڪلو ميٽر تي 170 ماڻهو آباد هئا. ڪل آبادي جو 52.5 سيڪڙو مردن ۽ 47.5 سيڪڙو عورتن تي مشتمل هو. افرادي قوت جو تقريباً 63.2 سيڪڙو ذاتي ڪاروبار ۾ رڌل هو. جنهن ۾ زراعت، مال ڍارڻ، مڇي مارڻ، واپار ۽ هنرمندي شامل آهن. اجوري جي حساب سان جنس (عورت - مرد) جي بنياد تي اڻ برابري جو رواج هو، جو تہ عورتن کي مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ مزدوري ملندڙ هئي.

# اختصار

هيءَ ضلعي تعليمي رٿا- 2005ع سن 2004 ۾ قائم ٿيل ضلعي تعليمي بورڊ جي ڪوشش جو نتيجو آهي. هن دستاويز کي منصوبہ بندي جي طور پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو ضلعي بابت موجوده ميسر معلومات ۽ وسيع صورتحال جي تجزئي جي آڌار تي تيار ڪيو ويو آهي. ضلعي تعليم جي مقامي ۽ مجموعي صورتحال جي تجزئي مان موجوده سرشتي، طريقہ ڪار ۽ عوامي سطح تي ڪيترائي خال نظر آيا جن کي پرڻ لاءِ مناسب حڪمت عمليون تجويز ڪيون ويون آهن. بهرحال، رٿا کي ماڻهن جي حقيقي ضرورتن سان هم آهنگ بنائڻ لاءِ ضروري ٿيندو تہ تعليمي صورتحال جو وقت بہ وقت جائزو ورتو وڃي ۽ پيدا ٿيندڙ لاڙن ۽ حالتن مطابق حڪمت عملين ۾ تبديليون آنديون وڃن.

ضلعي جي ڊي سي او، تعليمي بورڊ سيني واسطيدارن جي عملي شراڪت سان نہ رڳو ضلعي جي تعليمي معيار ۽ خواندگي جي شرح وڌائڻ لاءِ هڪ حڪمت عملي جوڙڻ جي تجويز ڏني پر ان سلسلي ۾ هڪ اعلان ذريعي بورڊ کي قانوني شڪل ڏيڻ تي بہ زور ڀريو. رٿا تيار ڪرڻ ۾ اين سي ايڇ ڊي ۽ آءِ يو سي اين جو بہ ڀرپور سهڪار رهيو.

تعليمي معيار وڌائڻ جو مقصد هنگامي پروگرامن تحت شاگردن جو تعداد وڌائڻ ناهي پر ان جي معنيٰ تعليم کي اهڙو پائدار ۽ سگهارو تجربو بنائڻ آهي جو ٻار پاڻ مرادو اسڪول وڃڻ پسند ڪن. جنهن لاءِ ڪن ٻين پهلوئن تي بہ سوچ ويچار ڪرڻي پوندي. جهڙوڪ: شراڪت سکڻ، سيکارڻ جا طريقا اچڻ ۽ لاڳاپيل مواد ۽ مهارتن کي زور ونرائڻ، استادن ۽ عملي لاءِ صحتمند ۽ ڪم ڪرڻ جون همٿائيندڙ حالتون هجڻ جتي جتي مقامي هنرن جي اهميت وڌيڪ هجي، اتي وڌيڪ مقامي ماڻهن جي با معنيٰ شرڪت، استادن ۽ اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽيمن جي مستقل فني سهائتا، تعليمي ادارن جي ساز سامان جي بهتري، (اسڪولن، ڪاليجن ۽ فني ادارن جي سطح تي رٿابندين جي شروعاتي مرحلن ۾ سهائتا) ۽ انساني ۽ مالي وسيلن جي موجودگي.

هن ڏس ۾ هڪ اهڙي جامع رٿا ناهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن تحت ضلعي جي جٽادار مستقبل کي يقيني بنائڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن جنهن جي معنيٰ آهي تہ ضلعي ۾ انساني وسيلن خاص ڪري، جوانن جي ضلعي جي سماجي، ماحولياتي ۽ معاشي پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ. انڪري هن رٿا جو بنياد ئي ”تعليم: جٽادار ترقيءَ لاءِ 7“ جي فلسفي تي رکيو ويو آهي. جنهن ۾ برابري، ماحول، معاشي ترقي، انساني احترام ۽ امن کي معياري تعليم لاءِ اولين اهيت ڏنل آهي. هن ۾ مقامي ماڻهن جي بامعنيٰ شرڪت کي بہ اهميت ڏنل آهي تہ جيئن سکڻ ۽ سيکارڻ جي بهتر فضا پيدا ٿي سگهي ۽ اهو گڏيل سکيا جو هڪ اهڙو ٻطرفو عمل هوندو جنهن ۾ تعليمي ادارا ۽ راڄ ساڳئي وقت سکندڙ بہ هوندا تہ سکياريندڙ بہ. هن تخليقي باهمي سکيا سبب بامعنيٰ نتيجا نڪرندا جهڙوڪ تعليمي عمل ۾ عام ماڻهن جي رضامندي ۽ دلچسپي وڌڻ سبب شاگردن جي درسگاهن ۾ داخلا وڌندي، ضلعي ۾ خواندگي جي شرح سڌرندي ۽ سندن وچ ۾ سکيا لاءِ ماحول مهيا ٿيندو. انفرادي سکيا لاءِ احترام ۽ مهارتن، مواد جي مقامي ضرورتن ۽ ماحول سان مطابقت پيدا ٿيندي.

سڄي ضلعي جي حالتن جي تجزئي ڪرڻ مان، تعليمي ميدان ۾ جيڪي خال معلوم ٿيا تن ۾ گهٽي پاڳي شاگردن جي گهٽ داخلا، استادن ۽ نظرداري ڪندڙ عملي جي پيشہ وارانہ تربيت جي ڪمي، غير موثر ۽ ناڪاره فني تعليمي ادارا، تعليم ۾ مائٽن ۽ راڄن جي عدم دلچسپي، لاڳيتو ڪرندڙ تعليمي معيار، وڌندڙ خرچ، اڻ لاڳاپيل تعليمي مواد ۽ مدي خارج فني ۽ معلوماتي ذريعا نمايان رهيا. جنهن سبب هن رٿا ۾ بدين ضلعي جي تعليم کي چيهو رسائيندڙ مسئلن جي حل لاءِ بہ عملي قدم تجويز ڪيا ويا آهن. جن ۾ ٻالڪپڻي جي تعليمي سهولتن سان گڏوگڏ پرائمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليج سطح ڪانسواءِ فني تعليم، مقامي ماڻهن جي شرڪت ۽ تعليم بالغان کي بهتر بنائڻ جا پروگرام بہ شامل آهن. مسئلا ۽ خال جن جي هاڻ خبر پئجي چڪي آهي، تن جا حل ۽ انهن جي پرک جا معيار بہ مقرر ڪيا ويا آهن. جيئن تہ اهي مقصد هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، تنهنڪري جن خامين ۽ خالن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي انهن کي گهٽائڻ جا حل بہ اوليت جي لحاظ کان ڏنا ويا آهن. اهڙن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني واسطيدار ڌرين جي شرڪت اهم ڪردار ادا ڪري سگهندي. هن رٿا کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ضروري ٿيندو تہ اها تعلقي، يونين ڪائونسل ۽ خاص طور تي اسڪولي سطح تي آڻجي. اميد ٿي ڪجي تہ بدين ضلعي جي بهتر مستقبل لاءِ ضلعي سربراهہ ۽ اڳواڻ ۽ اهي سڀئي ڌريون جيڪي تعليمي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ آهن، تن جون ڪوششون وڌيڪ اثرائتي نموني يڪجا ڪري عمل ۾ آنديون وينديون.



# 2. تعارف



## 2.1 تعليمي رٿا ڇا آهي؟

تعليمي رٿا، هڪ اهڙو هٿيار آهي جنهن رستي تعليمي ميدان ۾ ضلعي جي توقعات ۽ عوامي سطح تي هلندڙ ڪوشش توڙي مقامي ضرورتن سان گڏوگڏ صوبائي اقتصادي گهرجن ۾ نه رڳو بهتري ۽ ممڪن توازن حاصل ڪري سگهجي ٿو پران تي عمل ڪرڻ سان ضلعي تعليمي بورڊ تعليمي معيار به بهتر بنائي سگهندو.ضلعي تعليمي بورڊ ڪي حڪمنامي نمبر DCO/BDN/DEV/816 مورخه 1 مئي 2004 موجب قانوني حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. هيءَ رٿا حڪومت سنڌ جي تعليمي ڪاتي طرفان بدين ضلعي لاءِ جوڙيل "تعليم سيني لاءِ" رٿا سان به ٺهڪندڙ آهي. ان ڪان علاوه اها بين الاقوامي معاهدي "نئين هزاري ترقياتي اهداف" سان به هم آهنگ آهي.

## 2.2 ضلعي تعليمي رٿا ۾ ڇا ڇا شامل آهي؟

"ضلعي تعليمي رٿا" بدين ضلعي جي تعليمي صورتحال، مقامي ضرورتن ۽ نشاندهي ڪيل ڪمي پيشي کي نظر ۾ رکندي خاص ڪري هيٺين ميدانن ۾ سڌارن آڻڻ لاءِ عملي قدم ڏسي ٿي:

- خواندگي
- پرائمري سطح جي تعليم
- هائر سيڪنڊري سطح جي تعليم
- ڊگري سطح جي تعليم
- هنري ۽ فني تعليم
- عملي جو سڌارو
- هنري طريقا

## 1.3 رهائشي سهوليتون

1998ع جي آدمشماري موجب ضلعي ۾ ڪل 101,669 گهر هئا جن مان 11,553 پڪسرا ۽ اڪثر هڪ ڪمري وارا هئا. 35 سيڪڙو گهرن کي بجلي جي سهوليت ميسر هئي. جن مان 72 سيڪڙو گهر شهرن ۾ ۽ 28 سيڪڙو ڳوٺن ۾ موجود هئا. فقط 13 سيڪڙو ماڻهن کي پيئڻ جو تازو پاڻي ميسر هو جن جي اڪثريت شهرن ۾ رهندڙ هئي. 26 سيڪڙو شهرين ۽ 13 سيڪڙو ڳوٺاڻن جو گذر جَرَ جي پاڻي تي هو.

## 1.4 صحت ۽ آباديءَ جي پلائي

1998ع جي آدمشماري واري رپورٽ موجب سڄي ضلعي ۾ فقط هڪ سول اسپتال آهي، جڏهن تہ 120 ڳوٺاڻا صحت مرڪز 38 بنيادي صحت گهر، هڪ ماءُ ۽ ٻار جي نگهداشت جو مرڪز 22 سرڪاري ڊسپينسريون ۽ 40 آزمائشي سرڪاري ڊسپينسريون موجود هيون. ان وقت ضلعي لاءِ 317 ڊاڪٽرن، 60 ڊاڪٽرياڻين، 15 ليڊي هيلٿ وزيٽرن ۽ 44 خواتين هيلٿ ٽيڪنيشنن جون جايون منظور ٿيل هيون. سراسري طور تي سال ۾ هڪ ڊاڪٽر 5,428 مريضن جو علاج ڪيو. هڪ اسپتال ۾ 24,020 مريضن جو علاج ٿيو ۽ اسپتال جي هڪ بستري تي 7.676 مريضن جو علاج ڪيو ويو. نئشنل ڪميشن آف هيومن ڊولپمينٽ بدين، ضلعي لاءِ وڏيڪ 20 صحت مرڪزن جو واڌارو ڪيو آهي. جن ۾ 17 خانداني پلائيءَ جا مرڪز، هڪ توليدي صحت مرڪز ۽ ٻہ گشتي شفاخانا شامل آهن. ضلعي ۾ پئرا ميڊيڪل عملي، مددگار عملي، دوائن ۽ تشخيصي سهوليتن، ڊاڪٽرياڻين، ڳوٺاڻن صحت مرڪزن، ويم گهرن ۽ ماءُ ۽ ٻارن جي طبي سنڀال جي مرڪزن جي گهڻي کوٽ آهي. ڪٿي ڪٿي تہ طبي عملي جي غير موجودگي سبب ڪيترائي صحت مرڪز بيڪار پيل آهن.

## 1.5 آبپاشي ۽ نيڪال

سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج آبپاشي جو مکيہ ذريعو آهن جن مان چار وڏا واهہ يعني(1) گوني (2) قليلي (3) اڪرم واهہ ۽ (4) نصير واهہ هن علائقي جي آبياري ڪن ٿا. 12000 ڪسين مان فقط 2000 پنهنجي ڪل ڊيگهہ جي 30 سيڪڙو تائين پڪيون ٿيل آهن.

## 1.6 زراعت

ساريون، ڪمند، ڪپهہ، ڪڻڪ، سورج مکي، ٻاجهيون، گدرا ۽ ڇانهيون بدين ضلعي جي مکيہ زرعي پيداوار آهن. تقريباً 15, 883 ايڪڙن تي ڪپهہ، 124,506 ايڪڙن تي ڪمند، 157,749 ايڪڙن تي ساريون، 198 ,72 ايڪڙن تي ڪڻڪ 93,550 ايڪڙن تي سورج مکي، 15,239 ايڪڙن تي مرچ، 6,523 ايڪڙن تي ڪيلو ,5,582 ايڪڙن تي گڏيل باغ ۽ 10, 539 ايڪڙن تي ٽماٽن جو فصل ٿئي ٿو.

## 1.7 ٻيلا ۽ چوپايو مال

بدين ضلعي ۾ 12000 هيڪٽرن تي پکڙيل بخاري ۽ رڙي، آبپاشيءَ ذريعي پوکيل ٻہ ٻيلا آهن. 2003ع جي ٻوڏن سبب چوپايي مال جو انگ 1,140,122 مان گهٽجي وڃي 895,501 تي بيٺو آهي. هڪ ڪاٿي موجب بدين ضلعو پاڪستان جي سامونڊي مڇي جي 100 ملين (ڏهہ ڪروڙ) ڊالرن جي سالياني برآمد ۾ 10 سيڪڙو حصو ادا ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ ملڪ جي سامونڊي مڇي جي ضرورتن جو 17.5سيڪڙي تائين پورائو ڪري ٿو. ضلعي ۾ مڇين جا تقريباً 370 فارم موجود آهن.

## 1.8 صنعت

ضلعي ۾ ڪنڊ جا ڇهہ ڪارخانا آهن جيڪي 6,000 کان مٿي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪن ٿا. ڏر، چڙ ۽ پيس جا ست ۽ تيل جا چار ڪارخانا آهن جتان هر روز 26,335 بيرل ڪچو تيل نڪري ٿو.



# 3. تياري جو عمل



ضلعي تعليمي رٿا جي تياري هڪ تفصيلي، مختلف فردن ۽ ادارن جي شرڪت جي ڀرپور ۽ فڪر انگيز عمل جو نتيجو آهي، جيڪا مختلف ماهرن ۽ ادارن جهڙوڪ انتظاميا، استادن، پيشه ورن، عوامي نمائندن، مائٽن، شاگردن، عوامي اڳواڻن، ڊي سي او، ناظم وغيره سان گهري سوچ ويچار، تفصيلي بحث مباحثن ۽ ڇنڊڇاڻ ڪانپوءِ ٺاهي وئي آهي. آءِ يو سي اين نه رڳو حڪومت بدين کي، ضلعي جي ترقياتي تصور تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪندي رهي آهي پر ضلعي تعليمي بورڊ طرفان تيار ڪيل ضلعي تعيلمي رٿا جو هڪ مڪمل ۽ فائنل خاڪو تيار ڪرڻ ۾ به سهائتا ڪئي آهي.

ساڳئي وقت واسطيدار ڌرين جي صلاح مشوري سان نه رڳو بدين جي موجوده تعليمي حالت پر مستقبل لاءِ پڻ فيصلي ڪيل لائحه عمل پيش ڪيو ويو آهي. هن عمل دوران اڳوڻن خيالن، رهنما اصولن ۽ مقصدن تي به نظرثاني ڪئي ويئي ته جيئن ضلعي جي تبديل ٿيندڙ حالتن آهر، موجوده ضلعي تعليمي رٿا ۾ نه فقط ضلعي ۾ تعليم جي آئيندي جو تصور چٽو ڪيو وڃي پر ان جي روشنيءَ ۾ واضح اغراض ۽ مقاصد ۽ انهن سان ٺهڪندڙ حڪمت عمليون واضح ڪري سگهجن.

## 3.1 رٿابندي جي تياري جو خاڪو

بدين ضلعي جي جامع تعليمي رٿا ۾ مقامي ضرورتن ۽ تقاضائن کي وڏ ۾ وڏ جاءِ ڏيڻ ۽ مقامي حالتن جي گهرجن آهر حڪمت عملي تجويز ڪرڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا ويا:

قدم 1 : جيئن ته، ضلعي اندر تعليمي ميدان ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سمورن ذريعن کي منظم ۽ يڪجاءِ ڪرڻ جو خيال ضلعي انتظاميه، تعليم کاتي ۽ ممتاز شخصيتن طرفان پيش ڪيو ويو هو. تنهنڪري انهي خيال کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سن 2004ع جي اوائل ۾ ئي تجويز پيش ڪئي وئي هئي. مئي 2004ع ۾ ضلعي تعليمي بورڊ جو باقاعده اعلان ۽ بنيادي انگ اکر گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو.

قدم 2 : سڀني واسطيدارن جي ڀرپور شموليت کي يقيني بڻائڻ خاطر انهن سان ڪيترين گڏجاڻين ڪري تفصيلي صلاح مشورا ۽ بحث مباحثا ڪيا ويا ته جيئن ضلعي تعليمي رٿا جو پهريون اهڙو مسودو تيار ڪري سگهجي، جيڪو قومي تعليمي پاليسي ۽ ”تعليم سڀني لاءِ“ واري رٿا سان به ٺهڪندڙ هجي. مکيه ماڻهن سان تفصيلي گفتگو جو مقصد به

ڏسيل عملي قدم هيٺين لاڳاپيل موضوعن ۾ ڳانڍاپو قائم ڪرڻ ۾ به مدد گار ثابت ٿي سگهندا:

- ماحول ۽ ترقي
- جنس/صنف سان لاڳاپيل معاملا
- آبادي ۽ غربت
- امن امان ۽ انساني حق
- صحت
- برابري ۽ انصاف

جيتوڻيڪ هر موضوع بابت رٿا ۾ الڳ الڳ بحث موجود آهي پر تنهن هوندي به انهن کي مجموعي طور تي هيٺين ستن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. سماجي، ماحولياتي ۽ معاشرتي پهلوئن کي يڪجا ڪندي معياري تعليم کي يقيني بنائڻ
2. 2009 تائين 3 کان 7 سالن جي عمر جي سمورن (100٪) ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا کي يقيني بنائڻ.
3. موجوده ٻارن جي اسڪول ڇڏڻ جي رجحان ۾ 65 سيڪڙي تائين گهٽتائي آڻڻ
4. خواندگي جي موجوده 25 سيڪڙو شرح وڌائي 65 سيڪڙو ڪرڻ
5. تعليمي عمل ۾ مقامي آبادي جي با معنيٰ شرڪت وڌائڻ
6. جنسي نابرابري گهٽائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ
7. هنري تعليم کي يقيني طور ڪارگر ۽ موثر بنائڻ



# 4. صورتحال جو تجزيو



## 4.1 قومي سطح تي:

جتي پاڪستان ۾ مجموعي طور تي تعليمي شعبي کي پيچيده قسمن جا مسئلا درپيش آهن، اتي سرڪاري توڙي خانگي تعليمي سرشتي کي بہ بظاهر اڻ ڪٿ مسئلا درپيش آهن. هڪ طرف سرڪاري تعليمي شعبو ماڻهن جي نظر ۾ مڪمل طور تي پنهنجي ساک ۽ افاديت وڃائي چڪو آهي، جنهن سبب والدين پنهنجا ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ موڪلڻ کان لنوائي رهيا آهن. سرڪاري اسڪولن ۾ صرف اهي ماڻهو پنهنجن ٻارن کي موڪلين ٿا جن جو ڪو ٻيو واهر وسيلو نہ آهي تہ ٻئي طرف نالي وارا خانگي اسڪول گهڻو تڻو شهرن ۾ ۽ سُڪين ستابن ماڻهن لاءِ آهن. جن ۾ رڳو وڏن ماڻهن جا ٻار پڙهي سگهن ٿا. باقي عام ماڻهو پنهنجا ٻار يا تہ سرڪاري اسڪولن ۾ موڪلين ٿا يا سستن خانگي اسڪولن ۾ جيڪي صرف منافع خوري جي بنياد تي هلايا وڃن ٿا ۽ معيار جي لحاظ کان سرڪاري اسڪولن جهڙا يا انهن کان بہ ويل آهن.

پاڪستان ۾ تعليمي ميدان ۾ سرڪاري توڙي خانگي شعبا پنهنجو پنهجو فرض نباهي رهيا آهن. سرڪاري اسڪول شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ قائم آهن جڏهن تہ خانگي شعبو شهري ۽ نيم شهري علائقن تائين محدود آهي. ان کان علاوه، خاص ڪري شهر ۾ سول سوسائٽي جي ادارن، خصوصاً غير سرڪاري تنظيمن ۽ مقامي تنظيمن بہ عوامي تعليم ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. سرڪاري تعليمي ادارن ۾ پرائمري، مڊل، سيڪنڊري، هاءِ ۽ مسجد اسڪولن کان علاوه انٽرميڊيئيٽ، ڊگري ۽ پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون شامل آهن. انهن کانسواءِ سرڪار، پالي ٽيڪنيڪل ۽ هنري سکيا جا ادارا ۽ استادن جي تربيت جا ادارا بہ هلائي رهي آهي.

تعليمي عمل کي درپيش گهڻ رخن مسئلن ۾ تعليم تائين رسائي ۽ معيار بابت فڪر مندي کان وٺي گهٽ معياري تعليم جهڙا مسئلا اچي وڃن ٿا جن مان ڪن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

- خواندگي جي سطح ۾ ڪمي، خاص ڪري ٻوٽاٽين عورتن ۾ (ڏسو جدول 1)
- داخلا جي سطح ۾ ڪمي ۽ هر سطح تي خصوصاً ٻوٽاٽين عورتن ۾ تعليم اڌ ۾ ڇڏڻ جو رجحان

اهو هئو تہ جيئن سيئي ڏريون گڏجي سڏجي ضلعي کي درپيش مسئلن جي سڃاڻپ ڪري تبديلي جي عمل کي عوامي سطح تائين پهچائي سگهن. انهن سڀني ڪوششن جي نتيجي ۾ ڪم جو هڪ خاڪو ترتيب ڏنو ويو جيڪو 16 ڊسمبر 2004ع تي سڀني واسطيدار ڌرين اڳيان دربار هال بدين ۾ پيش ڪيو ويو.

قدم 3 : هن خاڪي کي وڌ ۾ وڌ قابل قبول ۽ موثر بنائڻ لاءِ آءِ يو سي اين سميت مختلف ماهرن کان رايا ورتا ويا ۽ اين سي ايچ ڊي جي مدد سان ان ۾ ضروري ترميمون ڪيون ويون.

قدم 4 : تعليمي رٿا کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ آءِ يو سي اين کان فني سهائتا طلب ڪئي وئي.

قدم 5 : ان سلسلي ۾ آءِ يو سي اين جي هڪ ماهر جون خدمتون حاصل ڪيون ويون تہ جيئن هو چونڊ واسطيدارن سان خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪري، موجوده ثانوي مواد جو جائزو وٺي ۽ مناسب سفارشون پيش ڪري جامع حڪمت عملي کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ ان جي معيار، ڪمزورين، ڪوتاهين، موقعن ۽ انديشن بابت رٿون پيش ڪري سگهي.

قدم 6: تيار ٿيل مسودو ضلعي تعليمي بورڊ کي پيش ڪيو تہ جيئن ان بابت راءِ حاصل ڪري سگهجي.

قدم 7 : مسودي کي آخري شڪل ڏئي شايع ڪيو ويو ۽ وڌ ۾ وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ان جا اردو ۽ سنڌي ترجما بہ شايع ڪيا ويا.

| جدول 2. جنس ۽ مقام جي لحاظ کان خواندگي سنڌ (سيڪڙو) | سنڌ | | | ڳوناٽا | | | شهري | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | سڀ | مرد | زالون | سڀ | مرد | زالون | سڀ | مرد | زالون |
| خواندگيءَ جي شرح | 26.7 | 56.5 | 35.4 | 26.9 | 39.5 | 13.1 | 65.2 | 72.1 | 57.1 |
| رسمي طور پڙهيل | 46.2 | 56.1 | 34.9 | 26.5 | 39.1 | 14.8 | 64.7 | 71.7 | 56.5 |
| غير رسمي طور پڙهيل | 0.5 | 0.4 | 0.5 | 0.4 | 0.4 | 0.6 | 0.5 | 0.4 | 0.6 |

ذريعو: 2 1998 واري آدمشماريءَ گهر شماري

جدول 2 سنڌ صوبي ۾ مختلف علائقن ۽ جنس جي لحاظ کان خواندگيءَ جي شرح ظاهر ڪري ٿي. "سنڌ لازمي پرائمري تعليم جي آرڊيننس" هجڻ باوجود سنڌ ۾ خواندگي جي شرح مردن ۾ 56.5 سيڪڙو ۽ عورتن ۾ 35.4سيڪڙو آهي. جڏهن تہ مجموعي طور تي خواندگي جي شرح 46.7 سيڪڙو آهي. جنهن ۾ 72.1 سيڪڙو شهري مرد ۽ 57.1 سيڪڙو شهري عورتون شامل آهن. جڏهن تہ ڳوناٽا مرد 39.5 سيڪڙو ۽ ڳوناٽيون عورتون 13.1 سيڪڙو آهن. پڙهيل ماڻهن جو وڏو حصو رسمي تعليمي نظام هيٺ پڙهيل آهي. جڏهن تہ غير رسمي تعليمي نظام هيٺ مردن جي ڀيٽ ۾ عورتون وڌيڪ پڙهيل آهن. شهري توڙي ڳوناٽن علائقن ۾ مرد توڙي عورتن جي اڪثريت فقط پرائمري تائين پڙهيل آهي.

# 4.3 ضلعي سطح تي

## 4.3.1 عمومي تجزيو

عددي لحاظ کان بدين ضلعي جي تعليمي صورتحال هيٺين جدول رستي ظاهر ڪري سگهجي ٿي.



جدول 3. اسڪولن ۽ ڪاليجن جي انگن اکرن جو تفصيل (SEMIS) جي اسڪول شماري جي رپورٽ 05-2004 موجب)

| قسم | سطح | ادارن جو تعداد | | | داخلا | | | استاد | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مردانہ | زنانہ | جمع | مردانہ | زنانہ | جمع | مردانہ | زنانہ | جمع |
| اسڪول | پرائمري | 2,771 | 396 | 3,167 | 100,804 | 62,307 | 16,3111 | 3,528 | 648 | 4,176 |
| | مڊل | 86 | 37 | 123 | 2,696 | 1,445 | 4,141 | 196 | 51 | 247 |
| | سيڪنڊري | 45 | 12 | 57 | 13,367 | 5,153 | 18,520 | 625 | 173 | 798 |
| | هائر سيڪنڊري | 3 | 2 | 5 | | | | | | |
| ڪاليج | ڊگري | 3 | 2 | 5 | 1,833 | 1,006 | 2,839 | 41 | 22 | 63 |
| | ٽيڪنيڪل | 3 | 3 | 6 | 409 | 73 | 482 | 18 | 4 | 22 |
| مرڪز | خواندگي | 63 | 38 | 101 | 1,816 | 1,097 | 2,913 | 63 | 40 | 103 |
| | هنري | 0 | 2 | 2 | 0 | 54 | 54 | _ | _ | _ |

جدول 4. ضلعي حڪومت طرفان 05-2004 دوران گڏ ڪيل انگ اکر

| تعليمي ادارا | اسڪولن جو تعداد | ڪل داخلا |
|---|---|---|
| پرائمري اسڪول | 2,660 | 188,074 |
| مڊل اسڪول | 67 | 5,170 |
| ماڊل ڪميونٽي اسڪول | 16 | 319 |

ذريعو : ضلعي حڪومت بدين

- صوبن توڙي شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ اسڪولي داخلا ۽ خواندگي ۾ تمام گهڻو فرق
- استادن ۾ گسائڻ جو رجحان، اهل ۽ تربيت يافته استادن خصوصاً خواتين جي کوٽ
- استادن ۾ مقامي ضرورتن مطابق پيشه وارنه تربيت جي موقعن جي کوٽ
- انتظام ۽ نظر داري جو ناقص نظام
- سرڪار طرفان تعليم لاءِ ناڪافي رقم
- مختلف معيارن جي تعليمي نظامن جي موجودگي
- جنس (مرد /عورت) توڙي شهري، ڳوٺاڻن بنيادن تي عدم توازن
- رَٽي تي اجايو زور، باقي شخصي سکڻ ۾ فرق، بنيادي مهارتن جهڙوڪ مسئلن حل ڪرڻ، فيصلا ڪرڻ ۽ سکندڙن جي بدلجندڙ روين طرف بي توجهي
- راڄوٽي شراڪتي عمل خصوصاً اسڪولي انتظامي ڪميٽين جي باري ۾ واضح تصور جي ڪمي.
- تعليمي رٿابندي ۾ معيار وڌائڻ ۽ اهو يقيني بنائڻ بدران عددي واڌاري تي اجايو زور
- سيڪنڊري سطح جي تعليم ۾ تحقيق، گهري نظر ۽ تنقيدي تناظر جي ڪمي
- امدادي ادارن سان گهٽ رابطي سبب ڪن ٺورڙن ترقياتي شعبن لاءِ وسيلا حاصل ڪري سگهڻ

| جدول 1. جنس ۽ مقام جي لحاظ کان خواندگي (سيڪڙو) | پاڪستان | | | ڳوٺاڻا | | | شهري | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | سڀ | مرد | زالون | سڀ | مرد | زالون | سڀ | مرد | زالون |
| خواندگيءَ جي شرح | 45 | 56.5 | 32.6 | 34.4 | 47.7 | 20.8 | 64.7 | 72.6 | 55.6 |
| رسمي طور پڙهيل | 44.5 | 56.1 | 32 | 33.9 | 47 | 20.2 | 64.3 | 72.3 | 55.1 |
| غير رسمي طور پڙهيل | 0.1 | 0.4 | 0.6 | 0.5 | 0.4 | 0.6 | 0.4 | 0.3 | 0.5 |

ذريعو : 1998 واري آدمشماري ۽ گهر شماري

جدول 1 مان علائقائي (ڳوٺ ۽ شهر) ۽ جنس جي بنياد تي موجود خواندگيءَ جي اڻ برابري جو پتو پئي ٿو ملڪ جي مجموعي خواندگي 45 سيڪڙو آهي جنهن جو 56.5 سيڪڙو مرد ۽ 36.6 سيڪڙو عورتون آهن. ڳوٺاڻن علائقن ۾ ته خواندگي جي سطح (34.4 سيڪڙو) شهري علائقن کان ( 67.7 سيڪڙو) تمام گهٽ آهي.

## 4.2 صوبائي سطح تي

”سنڌ لازمي تعليمي آرڊيننس 2001 (باب II (4) موجب ”ڪنهن جائز عُذر کان سواءِ مائٽ پنهنجن ٻارن کي پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ تائين باقاعدگيءَ سان پرائمري اسڪولن ۾ موڪلڻ لاءِ پابند رهندا“. مٿئين حوالي موجب صوبي جي هر فرد لاءِ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لازمي ٿئي ٿي. جڏهن ته اهڙا فرد جيڪي پرائمري تعليم مڪمل ڪري نٿا سگهن يا جن کي ڪڏهن اسڪول وڃڻ جو موقعو ئي ملي نه سگهيو آهي ۽ هاڻ پڙهڻ لکڻ جي سکيا حاصل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪري رهيا آهن. تن لاءِ اها سهولت موجود آهي ته هو محدود تعداد ۾. بالغن جي ڪورسن ۾ شامل ٿين جيڪي غير رسمي تعليم جي ڊائريڪٽوريٽ، اين سي ايڇ ڊي، ضلعي خواندگي جي پروگرام ۽ مختلف غير سرڪاري تنظيمن طرفان هلندڙ آهن.

وچ واري جي عمر ماڻهن جو فقط 17.05 سيڪڙو داخل هو. جڏهن تہ شهري ۽ ڳوٺاڻين آبادين ۾ داخلا جي انگن اکرن ۾ وڏو فرق واضح هو (شهري: 36.25، ڳوٺاڻا 13.26 سيڪڙو). ساڳئي قسم جو فرق ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي داخلا ۾ بہ هو. (ڇوڪرا 21.26 ۽ ڇوڪريون 12.39 سيڪڙو). هڪ ڪاٿي موجب بدين ضلعي ۾ خواندگي جي شرح 24.83 سيڪڙو آهي. خواندگي جي شرح ۾ گهٽتائي جا مکيہ سبب پرائمري ۽ مڊل ۾ ڏنل تعليم ڇڏي ڏيڻ، روز مرهہ جي زندگي ۾ لکڻ پڙهڻ کي گهٽ اهميت ڏيڻ خاص ڪري خواتين لاءِ، لائبريرين، مطالعي ۽ بحث مباحثي جي ٻين ذريعن تائين گهٽ رسائي هجڻ وغيره. اڄڪلهہ ايس سي ايچ ڊي ۽ ضلعي تعليم کاتو خواندگي جا پروگرام هلائي رهيا آهن.[16] ان کان علاوه ضلعي ۾ 102 بالغن جي تعليم جا مرڪز بہ ڪم ڪري رهيا آهن. عام طور تي خواندگي جي پروگرامن ۾ پڙهڻ لکڻ ۽ حسابن تي زور ڏنو ويندو آهي. ان سان گڏ روزاني زندگي ۾ ڪم ايندڙ کي مهارتون بہ سيکاريون وينديون آهن جهڙوڪ : بئنڪ ۾ کاتو کولڻ ۽ خط لکڻ وغيره. بهرحال بالغن جي خواندگي جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ ڪابہ هڪ جهڙي رهنمائي موجود نہ آهي. ان کان علاوه حالتن سان ٺهڪندڙ نصابي مواد ۽ ماڻهن جي پنهنجي چاهہ جي بنياد تي خواندگي جا پروگرام اڃا تائين نہ ٺهي سگهيا آهن. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن اهڙي تعليم حاصل ڪيل فرد، لکڻ پڙهڻ جي چاهہ برقرار رکي نہ ٿو سگهي. ڇو تہ اهڙي تعليم جو روزاني زندگي ۾ ڪو بہ استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي.

هن قسم جي صورتحال جا ڪيترائي پهلو ذميوار آهن جن ۾ سڀ کان اهم رٽي تي ٻڌل غير معياري تعليم آهي. ان کان سواءِ تخليقي مهارتون وڌائڻ ۽ انهن کي ڪتب آڻڻ لاءِ تنقيدي سوچ، فيصلہ سازي ۽ جيئڻ لاءِ ڪار آمد هنرن جهڙين مهارتن جي معيار بجاءِ شاگردن جي انگ ۾ واڌ تعليمي عمل ۾ سڪندڙ کي مرڪزي حيثيت ڏيڻ واري ماحول پيدا ڪرڻ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون رڪاوٽ بڻيل آهن جن ۾ اهل ۽ سچن استادن جي کوٽ، استادن جي ڀرتي جو غير شفاف طريقو، گوسڙو استاد، نظر داري جو غير موثر نظام، ٻارن کي جسماني سزا ۽ بنيادي سامان جي کوٽ، بامعنيٰ ۽ ماحول سان ٺهڪندڙ سکيا ۽ مددي مواد ۽ وسيلن جي کوٽ، خاص ڪري هاءِ اسڪولن ۾ (مثلاً اٽيوريون ليبارٽريون ۽ لائبريريون) بہ ضلعي ۾ غير معياري تعليم جون ذميدار آهن. تعليمي نظام جي غير موثر هئڻ ۾ وڌيڪ اضافو استادن جي اهڙن تربيتي پروگرامن بہ ڪيو آهي جيڪي ملازمت کان اڳ يا ملازمت دوران هلايا ويندا آهن. اهو هن ڪري جو هڪ تہ تربيتي نصاب گهرجن مطابق نہ هوندو آهي ۽ ٻيو ڪنهن بہ ادارتي پنيرائي ۽ نظرداري جو نظام نہ هئڻ سبب اعليٰ تعليم جي صورتحال کي بہ ساڳئي قسم جا مسئلا درپيش آهن. ڦهريون تہ بدين ضلعي جي ڊگري ڪاليجن جون عمارتون ڪمزور اڏاوتن واريون ۽ بي توجهي جو شڪار آهن ٻيو تہ ليبارٽرين ۾ بہ پورو سامان موجود نہ آهي. مٿان وري ليڪچرارن ۽ پروفيسرن جي دلچسپي بہ پور ساري آهي. تحقيق ۽ تنقيدي طرز جي تعليم جو تہ ڪو تصور ئي ناهي. داخلا جو گهٽ انگ ۽ اڻ لاڳاپيل ۽ مدي خارج نصاب بہ انهي آزار جا سبب آهن. هي ادارا سکڻ ۽ سيکارڻ جي نون طريقن جي رفتار سان بہ همقدم نہ آهن. جدول 3 مان معلوم ٿئي ٿو تہ ضلعي ۾ ڇهہ پاليٽيڪنڪ ۽ بہ هنري ادارا آهن جيڪي پڻ ڪمزور انتظام ۽ مالي وسيلن جي ڪمي جا شڪار آهن. انهن جي سکيا جا پروگرام بہ غير مناسب آهن. انهن مان بدين جي گورنمينٽ پوليٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جيڪو هڪ شاندار عمارت ۾ قائم آهي ۽ منجهس ٻاهران گهرايل قيمتي مشينري، لائبريري، ٽرانسپورٽ ۽ ڪل 78 ڄڻن جو عملو موجود آهي. پر ايترين سهولتن هوندي بہ اتي فقط 40 شاگرد داخل آهن.

جڏهن تہ ڇوڪرين جا هنري اسڪول نسبتاً بهتر نموني هلي رهيا آهن (روايتي نموني ۾ ئي سهي) جيڪي نياڻين کي اٽاوت ۽ ڀرت جا هنر سيکاري رهيا آهن. جڏهن تہ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اهڙا ڊپلوما ۽ شارٽ ڪورس جيڪي هنري ۽ سکيا لاءِ هلايا وڃن ٿا تن جي ڪورسن جي نئين سر اهڙي طرح سان جوڙجڪ ڪئي وڃي جنهن ۾ نہ رڳو فني ۽ هنري سکيا تي وڌيڪ زور ڏنل هجي پر اهي سماجي، اقتصادي ۽ ماحولياتي پهلوئن کان پڻ مفيد ثابت ٿي سگهن. ائين ڪرڻ سان سکيا حاصل ڪندڙ نہ رڳو پنهنجي آس پاس جي سماجي ۽ اقتصادي مسئلن کان باخبر رهندا تہ ڪين مقامي قدرتي وسيلن جي ديرپا سارسنڀال لهڻ ۾ بہ سهولت ٿيندي.

## 4.3.2 پاليسي، پس منظر ۽ عمل درآمد

قومي تعليمي پاليسي (1998-02) جنهن جي دائري ۾ هلندڙ ڏهاڪو بہ اچي وڃي ٿو ان نقط نگاهہ سان جوڙي وئي هئي تہ اڳتي هلي تاريخي ترقي ٿيندي، تعليم ۾ جديد رجحان پيدا ڪيا ويندا ۽ پيدا ٿيندڙ ملڪي ضرورتن کي منهن ڏئي سگهبو. هن پاليسي ۾ بنيادي تعليم کي اوليت حاصل هئي. ان جا مکيہ نقطا هن ريت هئا.

- ابتدائي تعليم ۾ معياري سڌارو
- موجوده سهولتن ۽ عملي جو وڌ ۾ وڌ ۽ ڀرپور استعمال ڪري ابتدائي تعليم جي سهولت کي وڌ ۾ وڌ فردن تائين پهچائڻ ۽

| | |
|---|---|
| **ESRA طرفان هلنڊڙ پروجيڪٽ** | |
| بالغن جي تعليم جا مرڪز | 102 |
| بالغن جي تعليم جي مرڪزن سميت غير رسمي اسڪول | 33 |
| **2015 تائين گهربل انساني وسيلا** | |
| گهربل استادن جو ڪل تعداد | 3,244 |
| **هر سطح لاءِ گهربل استاد** | **تعداد** |
| پرائمري اسڪولن لاءِ | 02 |
| مڊل اسڪولن لاءِ | 06 |
| مسجد اسڪول لاءِ | 01 |
| جملي پيش امام گهربل | 213 |
| **هر سطح لاءِ گهربل پيش امام** | **تعداد** |
| پرائمري اسڪولن لاءِ | 01 |
| مڊل اسڪول لاءِ | 01 |
| مسجد اسڪولن لاءِ | 01 |
| **2003-04ع دوران NFBE پروگرام** | |
| هلنڊڙ اسڪولن جو ڪل تعداد | 33 |
| **2003-15 دوران NFBE لاءِ گهربل انسٽرڪٽرن جو تعداد** | 1,366 |
| پرائمري اسڪولن لاءِ | 01 |
| مڊل اسڪولن لاءِ | 01 |
| مسجد اسڪولن لاءِ | 01 |
| **2015 تائين نظرداري لاءِ گهربل سپروائيزر** | **هڪ SPE في سال** |
| **2003-15 لاءِ مالي وسيلا** | |
| **تعليمي ادارا** | **رقم ملين ۾** |
| پرائمري اسڪول پروگرام | 7693.4 |
| ترقياتي خرچ | 1560.4 |
| چالو خرچ | 6133 |
| **بالغن جي تعليم** | |
| **گهربل انساني وسيلا** | **2003–15 لاءِ گهربل خواندگي جا استاد*** |
| پهريون مرحلو | 472 |
| ٻيو مرحلو | 1859 |
| ٽيون مرحلو | 2976 |

* عام خواندگي جا ٻه دورا پورا ڪرڻ لاءِ هڪ سال لاءِ استادن جي مقرري

* V/T خواندگي جي مرڪزن لاءِ في سينٽر هڪ استاد

جدول 3 ۽ 4 ۾ بدين ضلعي ۾ تعليمي ادارن ۾ جنس وار داخلا جا انگ ۽ تدريسي عملي جا تفصيل ڏنا ويا آهن. (اسڪولن جي عمارتن جي حالت) تدريسي عملي، داخلا جي ترتيب جا تعلقي وار تفصيل ضمين ۾ موجود آهن.) جيتوڻيڪ ٻنهي جدولن ۾ ٿوري گهٽ وڌائي موجود آهي پر اهو ڪو وڏو فرق نه آهي.

جدول 3 جي تجزئي مان معلوم ٿئي ٿو ته سراسري طور، 52 ٻارن لاءِ هڪ پرائمري اسڪول موجود آهي ۽ هر اسڪول لاءِ 1.5 استاد مقرر آهن. جڏهن ته ضلعي پڙتال موجب (جدول 4) هڪ اسڪول لاءِ ٻه استاد گهربل آهن. جدول 3 مان وڌيڪ پتو پوي ٿو ته 33 شاگردن لاءِ هڪ مڊل اسڪول موجود آهي ۽ هر اسڪول لاءِ ٻه استاد مقرر آهن جڏهن ته ضلعي پڙتال (جدول 4) موجب هر مڊل اسڪول لاءِ ڇهه استاد هئڻ گهرجن. ساڳي ريت 300 شاگرن لاءِ هڪ سيڪنڊري، هائر سيڪنڊري اسڪول ۽ هر اسڪول لاءِ 13 استاد مقرر آهن. 600 شاگردن لاءِ هڪ ڊگري ڪاليج آهي، جنهن لاءِ ٻه 13 استاد مقرر آهن. اها ته ٿي هيٺين انگن اکرن جي عمومي تشريح جنهن جو اهو مطلب نه آهي ته اها هر تعليمي اداري جي خصوصي صورتحال ٻه ظاهر ڪري ٿي. ڏنل معلومات مان ان رجحان جو پتو پوي ٿو ته پرائمري سطح تي داخلا جو انگ مڊل ۽ سيڪنڊري اسڪولن کان وڌيڪ آهي. جڏهن ته استاد شاگرد تناسب ۾ فرق آهي جيڪو هائر سيڪنڊري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي ڀيٽ ۾ پرائمري ۾ گهٽو گهٽ آهي. ان جي باوجود اها ڳالهه ٻه غور طلب آهي ته هنن ادارن ۾ شاگردن جي داخلا جو انگ تمام گهٽ آهي ۽ وڏي تعداد ۾ تعليم پرائڻ لاءِ 10 سالن کان وڏي عمر جا ٻار ۽ جوان رهجي وڃن ٿا. 1998 جي آدمشماري موجب 5 ۽ 24 سالن جي



# 5. بدين ضلعي لاءِ حڪمت عملي جي رٿا



## تخليقي تخيل

راڄن جي قريبي شراڪت سان ضلعي حڪومت پاران سکيا جو اهڙو سگهارو ۽ اثرائتو ماحول مهيا ڪرڻ ته جيئن هر سڪنڊڙ جي گهڻ رخي تربيت عمل ۾ اچي سگهي ۽ هر سڪنڊڙ کي اهڙا مفيد موقعا ميسر ٿي سگهن ته جيئن هو پنهنجيون وڌ ۾ وڌ لياقتون ۽ صلاحيتون ڪتب آڻي ضلعي جي پائدار ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي.

## هدف

معياري تعليم تي وڌ ۾ وڌ ڏيان ڏيندي سال 2009 تائين مجموعي خواندگي جي شرح 24 سيڪڙي مان وڌائي 54 سيڪڙو ڪرڻ. تعليمي نظام اهڙي نموني مرتب ڪرڻ ته جيئن هر فرد کي تعليم ۽ سکيا جي سهولتن تائين سولائي سان رسائي حاصل ٿي سگهي ۽ ان رستي اهڙا ذميوار انسان پيدا ٿي سگهن جيڪي اخلاقي گڻن سان مالا مال هجن ۽ ضلعي جي ماحولياتي جتاءَ ۽ سماجي ايڪتا ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن.

## بنيادي قدر

ضلعي حڪومت ان ڳالهه تي يقين رکي ٿي ته تعليمي ادارن جو ماحول لازمي طور تي همت افزا، سازگار ۽ تحفظ جو احساس ڏيندڙ هئڻ گهرجي. نصاب يقيني طور تي نه رڳو بدين جي حالتن ۽ پهرئين درجي کان ڏگري ڪلاسن تائين هم آهنگ هجي پر سکيا جي طريقي ۾ هر سطح تي لازماً اهڙيون ذهانت اجاگر ڪندڙ تربيتون به شامل هجن ته جيئن سکڻ،سيکارڻ ۽ پرکڻ جي عمل ۾ تخليقي ۽ تنقيدي بصيرت جو واڌارو ٿي سگهي.

- ساڳئي وقت نيون سهولتون ۽ عملي لاءِ بہ گنجائش پيدا ڪرڻ.
- ابتدائي سطح تي اسلامي اصولن تي مبني ڪردار سازي، انسان دوستي، برداشت، اخلاق ۽ شخصيتي تعمير کي اوليت ڏيڻ.
- استادن جي صلاحيتن کي بهتر ۽ سندن تربيتي پروگرامن کي بامعني بنائڻ.
- ابتدائي سطح تي ٻاراٽو درجو متعارف ڪرائڻ.
- ابتدائي تعليم جي حصول خاطر ڪٽنبن، اسڪولن، راڄن، غير سرڪاري تنظيمن ۽ ابلاغي وسيلن جي ڪردار کي موثر بنائڻ.
- ابتدائي اسڪولن ۾ نہ ايندڙ ٻارن جي داخلا تي وڌ ۾ وڌ زور ڏيڻ.
- ابتدائي تعليم جي تنوع کي مالياتي وسيلن جي استعمال جو بنياد بنائڻ.
- رسمي تعليمي نظام سان گڏوگڏ مددي نظام طور غير رسمي تعليمي نظام بہ اختيار ڪرڻ.
- داخلا، حاضري، تڪميل ۽ حاصلات بابت وقتائتي ۽ صحيح معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ نظرداري ۽ چڪاس جو عددي ۽
- معياري نظام قائم ڪرڻ.
- انتظامي ۽ نظرداريءَ جو خودمختيار ۽ جوابدهي تي ٻڌل بهتر نظام. [19]

## 4.3.3 ضلعي پاليسي پس منظر

سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي، پاڪستان ۾ ”تعليم سڀني لاءِ“ جي اصولن هيٺ بدين ضلعي لاءِ سن2003 کان 2015 تائين ٻارهن سالن جي هڪ عملي رٿا تيار ڪئي. ان ڪانسواءِ اين سي ايچ ڊي وسيع تر پرائمري تعليم جي ڦهلاءُ ۽ خواندگيءَ جي رٿا بہ تيار ڪئي هئي. جيتوڻيڪ، اهڙين سڀني رٿائن جو مقصد پرائمري تعليم عام ڪرڻ هيو پر تنهن هوندي بہ ان ۾ ڪنهن حد تائين بالغن جي تعليم کي بہ شامل ڪيو ۽ ان جو اين سي ايچ ڊي جي رٿا ۾ خاص طور تي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، بدين ضلعي حڪومت شدت سان محسوس ڪيو تہ، تعليم جي باري ۾ هڪ اجتماعي حڪمت عملي وڌيڪ ڪارآمد ٿي سگهندي جنهن سان سيڪنڊري، هائر سيڪنڊري ۽ غير رسمي تعليم جي معيار وڌائڻ لاءِ مقامي ماڻهن جي شراڪت سان ان تي سولائيءَ سان عمل ڪري سگهبو. ضلعي ۾ موجود تعليم جي بهتري ۽ آئندي لاءِ تعليمي تاجي پيٽي کي بهتر بنائڻ لاءِ ضروري سمجهيو ويو تہ پنج سالہ تعليمي رٿا جي جوڙجڪ لاءِ سڀني لاڳاپيل فردن ۽ ادارن کي سنئون سڌو شامل ڪيو وڃي. ملينيم ڊولپمينٽ گولس کي مدنظر رکندي موجوده پنج سالہ تعليمي رٿا ۾ مٿي بيان ڪيل سڀني منصوبن ۽ پروگرامن جون سفارشون شامل ڪيون ويون آهن.



# 6. خال ۽ سفارشون



ڪيل ڳالهين، موجود ثانوي مواد ۽ ميسر انگن اکرن جي ڇنڊڇاڻ مان ضلعي تعليمي بورڊ، ضلعي جي توقعات ۽ موجود صورتحال ۾ هيٺ ڏنل خال معلوم ڪيا.

| خال | سفارشون |
|---|---|
| خ_1 : موجود عملي جي سڌاري جو نظام | س_1 : ماحول سان ٺهڪندڙ ۽ ضرورتن تي مبني سڌارن جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ |
| خ_2 شاگردن ۾ اسڪول ڇڏڻ جي وڌيل شرح ۽ استادن ۽ شاگردن ۾ گسائڻ جو رجحان.(خاص طور تي ٻهراڙين ۾ شاگرديائڻين ۽ استادن جو) | س_2 : گذريل ڪيترن سالن کان اسڪول ڇڏڻ جي شرح 70 سيڪڙو تائين رهي آهي. هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ضلعو اين سي ايڇ ڊي ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته موجوده رٿا ۾ به هن مسئلي جي حل لاءِ حڪمت عملي موجود آهي. |
| خ_3 : ابتدائي ٻاروتڻ جي موجوده تعليمي نظام جو معيار | س_3 : قومي تعليمي پاليسي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، جن ۾ ابتدائي ٻاروتڻ جي تعليم کي اوليت ڏنل آهي، تنهن ۾ ان مسئلي بابت به هن رٿا ۾ حڪمت عملي شامل آهي. |
| خ_4 : هر سطح جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ موجود غير معياري تعليم | س_4 : ضلعي تعليمي بورڊ معياري تعليم بابت هڪ جامع حڪمت عملي جوڙي آهي. |
| خ_5: هنري ۽ پولي ٽيڪنيڪل ادارن جي غير موثر ڪارڪردگي. | س_5 : هن رٿا جي حصي طور حڪمت عملي تيار ڪئي وئي آهي ته جيئن اهڙن ادارن جي ڪارڪردگي کي بهتر بنائي سگهجي. |
| خ_6 : اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مائٽن ۽ راڄن جي موثر شراڪت جي کوٽ | س_6 : تعليمي عمل ۾ راڄن جي موثر شراڪت لاءِ هن رٿا ۾ حڪمت عملي 5 شامل ڪئي وئي آهي. |

# مقصد

ضلعو هيئيان مقصد ماڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو:

- عوامي نمائندن، صحافين، تعليمدانن، والدين ۽ استادن تي مشتمل ضلعي تعليمي بورڊ تشڪيل ڏيڻ ۽ ضلعي تعليمي رٿا تي عمل درآمد جي نظرداري ڪرڻ
- موجوده ۽ آئينده قائم ٿيندڙ سيني تعليمي ادارن ۾ اهڙي معياري تعليم کي يقيني بڻائڻ جنهن ۾ وقت بہ وقت ضلعي حالتن جي تقاضائن مطابق تعليمي مواد جي سنوارڻ تي زور ڏنل هجي يعني ان ۾ هڪ ئي وقت جٽائدار ماحول، انساني حقن، آباديءَ، جنسي برابري ۽ امن بابت بہ ذڪر موجود هجڻ
- ايندڙ پنجن سالن ۾ 5 کان 7 سالن جي عمر جي ٻارن جي 100 سيڪڙو داخلا يقيني بنائڻ.
- ايندڙ پنجن سالن ۾ اسڪول ڇڏڻ جي شرح 70 سيڪڙو مان گهٽائي 5 سيڪڙو تائين آڻڻ.
- سيني استادن کي بنيادي مهارتن ۽ تنقيدي سکيا جي تربيت ڏيڻ، جنهن ۾ سکندڙن جي انفرادي ضرورتن تي خاص ڌيان ڏيڻ.
- هائر سيڪنڊري ۽ ڊگري سطح جي تعليم ۾ سڌارا آڻي سگهندڙن ۾ تحقيقي، تخليقي ۽ تنقيدي سوچ جو مادو پيدا ڪرڻ.
- تعليم ۽ ترقي جي عمل ۾ راڄن ۽ مائٽن جي بامعنيٰ شراڪت جون سهولتون پيدا ڪرڻ
- نياڻين کي تعليم جا هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪري جنسي اڻ برابري ختم ڪرڻ
- بالغن، خاص ڪري عورتن جي تعليمي پروگرام کي بهتر بنائڻ خاطر مقامي تعليمي ادارن جي شراڪت سان جامع پنج ساله رٿا تيار ڪرڻ



# 7. حڪمت عملي: عملي قدم



بدين ضلعي جي تعليمي صورتحال جي تجزئي ڪرڻ ۽ مکيه واسطيدارن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ موجوده نظام ۾ جيڪي خال دريافت ڪيا ويا، تن کي ضلعي حڪمت عملي جي جامع عملي رٿا جو بنياد بنايو ويو آهي. هن رٿا کي وڏيڪ 11حصن ۾ ورهايو ويو آهي. گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ هر حصي ۾ خاص سفارشون شامل ڪيون ويون آهن جن ۾ انساني وسيلن، وقت ۽ خرچ جو ڪاٿو به شامل آهي.

## 7.1 حڪمت عملي1 : ضلعي تعليمي بورڊ جو قيام

ضلعي حڪومت تعليمي ماهرن، پيشه ور فردن، منتظمين، استادن، عوامي نمائندن، صحافين، دانشورن، مائٽن ۽ ٻين واسطيدارن سان صلاح مشوري ۽ صورتحال جي تجزئي کي بنياد بنائيندي ضلعي تعليمي بورڊ جو قيام عمل ۾ آندو ته جيئن اهي نظرداري جا فرض نڀائين ۽ ضلعي مقصدن جي حصول کي يقيني بنائين.

نتيجو 1 : وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ "ضلعي تعليمي بورڊ" جوڙڻ

نتيجو 2 : ضلعي تعليمي بورڊ کي قانوني شڪل ڏيڻ

نتيجو 3 : "پنج - ساله ضلعي تعليمي رٿا" تيار ڪرڻ

نتيجو 4 : "ضلعي لاءِ امداد حاصل ڪندڙ ڪميٽي" قائم ڪرڻ

نتيجو 5 : معياري تعليم کي يقيني بنائڻ خاطر "معيار وڌائيندڙ ڪائونسل" قائم ڪرڻ

نتيجو 6 : بند پيل اسڪول ٻيهر کولائڻ لاءِ زميندارن کي مڃائڻ لاءِ سماجي ورڪرن جا گروپ جوڙڻ

| خال | سفارشون |
|---|---|
| خ_7 : ڪلاسن ۾ وسيلن جي ڪمي. (سکيا جي رهنمائيءَ، استادن لاءِ رهنما ڪتاب) | س_1: هن مسئلي لاءِ حڪمت عملي 6 جاٽايل آهي. |
